# مٺي عيد ۽ مٺيون ڳالهيون

سنڌي





پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: مني عيد ۽ مٺيون ڳالهيون
ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1442ھ اَپريل 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# مٺي عيد ۾ مٺيون ڳالهيون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## مٺي عيد ۾ مٺيون ڳالهيون

دعاءِ عطار: ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
عيد جون خوشيون ٻيڻيون ٿي ويون ........................................ 2
يتيم ڪنهن کي چئبو آهي ........................................ 4
يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ جي فضيلت ........................................ 4
يتيم ٻارڙيءَ جون ايمان اَفروز نصيحتون ........................................ 5
جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم ........................................ 8
پنج ٻار ۽ ٽرين جو سفر ........................................ 9
مسلمانن جا بهترين گهر ........................................ 10
واتان ٻاهر نڪري رهي هوندي ........................................ 11
وٽندڙ ۽ مٺو مال ........................................ 13
شهد ۽ خاڪ ........................................ 13
اُٺ جي چپن جيان چپ ........................................ 13
وارثن جي مال ۾ احتياط جو بهترين مثال ........................................ 14
يتيم جي مال جي حفاظت ڪرڻ وارو قاضي ........................................ 15
اميرا هلسنت جي احتياط ........................................ 18
عرش جو سايو (ڇانوَ) ماڻڻ جو طريقو ........................................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# مٺي عيد ۾ مٺيون ڳالهيون

## دعاءِ عطار:

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”مٺي عيد ۾ مٺيون ڳالهيون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ديدارِ مصطفيٰ جي حقيقي عيد نصيب فرماءِ. مرندي وقت ان جو ايمان سلامت رهي ۽ اُن جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي والد حضرت سَمُره سُوَائي رَضِیَ اللہُ عَنْہ روايت ڪن ٿا ته اسان نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ حاضر هئاسين ته هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول الله! الله پاڪ جي بارگاه ۾ سڀ کان سُٺو عمل ڪهڙو آهي؟ ته محبوبِ خُدا ارشاد فرمايو: سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ، مون عرض ڪيو: يَارسول الله اجا وڌيڪ ارشاد فرمايو! فرمايائون: ذڪر جي ڪثرت ۽ مون تي درود پاڪ پڙهڻ جو اهو عمل فقر (غربت) پري ڪندو آهي. (القول البديع، ص273 مختصراً)

بہرِ رفعِ مَرَض وزَحمت ورنج وکلفت
ڈھونڈتے پھرتے ہیں وہ لوگ کہاں کا تعویذ
تم پڑھو صاحبِ لولاک پہ کثرت سے درود
ہے عجب دردِ نہاں اور اَماں کا تعویذ

## مشڪل لفظن جي معنيٰ

ٻهر دفع: دور ڪرڻ جي لاءِ. زحمت: تڪليف. رنج: غم. ڪلفت: تنگي، پريشاني. دردِنهان: لڪيل درد.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عيد جون خوشيون ڊبل ٿي ويون

سلسه قادريه رضويه عطاريه جي عظيم بُزرگ حضرت سِري سَقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (بطورِ عاجزي) فرمائن ٿا ته مان دل جي سختي جي مرض ۾ مبتلا هيس پر حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دعا جي برڪت سان ڇوٽڪارو ملي ويو. ٿيو ائين ته مان هڪ ڀيرو عيد جي نماز پڑهڻ کان پوءِ واپس موٽي رهيو هيس ته حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏٺو سندن سان گڏ هڪ ٻار به هيو جنهن جا وار وکريل هئا ۽ اهو ٽٽل دل سان روئي رهيو هو. مون عرض ڪيو: ياسيدي! ڇا ٿيو؟ توهان سان گڏ هيءُ ٻار ڇو روئي رهيو آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواب ڏنو: مون ڪجهه ٻارن کي راند ڪيڏيندي ڏٺو جڏهن ته اهو ٻار غمگين حالت ۾ هڪ طرف بيٺو هو ۽ انهن ٻارن سان راند ڪونه ڪيڏي رهيو هو. منهنجي پڇڻ تي اُن ٻڌايو ته مان يتيم آهيان، منهنجو پيءُ وفات ڪري ويو آهي، ان کان پوءِ منهنجو ڪو والي وارث ناهي جيڪو منهنجو سهارو بڻجي ۽ مون وٽ ڪا رقم به ناهي جو اَخروٽ وٺي انهن ٻارن سان راند ڪيان. جيئن ته مان هن ٻار کي ساڻ وٺي آيو آهيان ته جيئن هن جي لاءِ ڪکڙيون گڏ ڪيان جنهن مان اَخروٽ وٺي هيءُ بين ٻارن سان راند ڪيڏي سگهي. مون عرض ڪيو: توهان اهو ٻار مونکي ڏئي ڇڏيو ته جيئن مان ان جي

اِها حالت بدلي ڇڏيان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ڇا واقعي توهان ائين ڪندؤ؟ مون چيو جي ها. فرمايائون: ڇڱو پيلا هن ڪي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو، الله پاڪ توهان جي دل اِيمان جي برڪت سان مالا مال ڪري ۽ پنهنجي رستي جي ظاهري ۽ باطني سڃاڻپ عطا فرمائي.

حضرت سِري سَقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان ان ٻار کي بازار وٺي ويس، ان کي سُٺا ڪپڙا پارايا ۽ اَخروٽ خريدي ڏنا جنهن سان اهو سڄو ڏينهن ٻارن سان راندروند ڪندو رهيو. ٻارن ان کان پڇيو ته توتي اهو احسان ڪنهن ڪيو؟ ان جواب ڏنو: حضرت سِري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. جڏهن ٻار راند روند ڪرڻ ڪانپوءِ گهر هليا ويا ته اهو خوشي تي مون وٽ آيو. مون پڇيو: ٻڌايو! تنهنجو عيد جو ڏينهن ڪيئن گذريو؟ ان چيو: اي چاچا سائين! توهان مون کي سُٺا ڪپڙا وٺي پارايا، مونکي خوش ڪري ٻارن سان گڏ راند ڪيڏڻ جي لاءِ موڪليو، منهنجي غمگين ۽ ٽٽل دل کي جوڙيو، الله ڪريم! توهان کي پنهنجي بارگاهه مان ان جو سٺو بدلو عطا فرمائي ۽ توهان جي لاءِ پنهنجي بارگاهه جو رستو کولي ڇڏي. حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ٻار جي هن ڪلام مان بيحد خوشي ٿي ۽ ان گفتگو سان منهنجي عيد جون خوشيون ويتر وڌي ويون. (الروض الفائق، ص185)

الله رَبُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ يتيم سان همدردي ۽ خيرخواهي جي ايمان اَفروز حڪايت توهان پڙهي. عيدالفطر جون خوشيون هلي رهيون آهن، خوب نعمتن جي ڪثرت آهي، گهر ۾ کائڻ جي لاءِ هڪ کان هڪ لذيذ طعام پچي رهيو آهي، بهترين عمده لباس پائي رکيو آهي، گهر ۾ مهمانن جو اچڻ وڃڻ ۽ عيد جي خرچي ڏيڻ وٺڻ جو سلسلو جاري آهي، اهڙي موقعي تي ڪيترو نه سٺو ٿيندو جو پاڙيسرين، غريبن، يتيمن جي گهرن ۾ به خوشي ۽ راحت پهچائڻ جي ڪانءِ ڪا صورت ٻڌايو ته جيئن اها ”عيد“ اسان جي لاءِ”سعيد“ يعني سعادتمندي جو سبب بڻجي وڃي.

## يتيم ڪنهن کي چئبو آهي

نابالغ ٻار يا ٻارڙي جنهن جو پيءُ فوت ٿي ويو هجي اهو ”يتيم“ آهي. (درمختار،416/10) ٻار يا ٻارڙي ان وقت تائين يتيم رهندا آهن جيستائين بالغ نه ٿين، جيئن ئي بالغ ٿيا ته هاڻي يتيم نه رهيا جيئن ته حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بالغ ٿي ٻار يتيم ناهي رهندو. انسان جو اهو ٻار يتيم آهي جنهن جو پيءُ وفات ڪري ويو هجي، جانور جو اهو ٻار يتيم آهي جنهن جي ماءُ مري وڃي، موتي اهو يتيم آهي جيڪو سِپ ۾ اڪيلو هجي ان ڪي ”دُرِّ يتيم“ چوندا آهن نهايت قيمتي هوندو آهي. (نُور العرفان، پ4، النساء، تحت الآية:2)

## يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! يتيمن سان حسن سلوڪ جو وڏو اجر و ثواب آهي. الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عظيم آهي: جنهن صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ يتيم جي مٿي تي هٿ

ڦيريو تہ جيترن وارن تي ان جو هٿ گذريو هر وار جي بدلي ان کي نيڪيون ملنديون. (مسند امام احمد،8/272، حديث:22215) يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ ۽ مسڪين کي کاڌو کارائڻ جي هڪ برڪت اها بہ آهي تہ ان سان دل جي سختي پري ٿي ويندي آهي. جيئن تہ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ هڪ شخص پنهنجي دل جي سختي جي شڪايت ڪئي تہ نبي رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ مسڪين کي کاڌو کارايو. (مُسند امام احمد،3/335، حديث:9028)

بي چين دلين جي چين، رحمتِ دارين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن يتيم هجي تہ اُن جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ ۾ اڳيان جي طرف آڻي ۽ ٻار جو پيءُ (حيات) هجي تہ هٿ ڦيرڻ ۾ ڳردن جي طرف آڻي. (معجم اوسط،1/351)

**وضاحت:** يعني ٻار يتيم هجي تہ مٿي کان پيشاني جي طرف هٿ ڦيريو ۽ ان جو پيءُ هجي تہ پيشاني کان ڪنڌ جي طرف ڦيريو. (النهاية في غريب الحديث والاثر، 4/280)

ضعیفوں بیکسوں آفت نصیبوں کو مبارک ہو
یتیموں کو غلاموں کو غریبوں کو مبارک ہو

## يتيم ٻارڙيءَ جون ايمان اَفروز نصيحتون

حضرت حماد بن سلمہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيرو سردين جي موسم ۾ مسلسل مينهن وسيو، لاڳيتو مينهن جي ڪري ماڻهن کي پريشاني ٿيڻ لڳي. اسان جي پاڙي ۾ هڪ عبادت گذار عورت پنهنجي يتيم ٻارڙين سان هڪ پراڻي گهر ۾ رهندي هئي. مينهن

جي ڪري ان جي ڪچي گهر جي ڇت ٽمڻ لڳي ۽ پاڻي گهر ۾ اچڻ لڳو. ان نيڪ عورت جڏهن ڏٺو تہ سردي جي ڪري ٻار ڏڪي رهيا آهن ۽ مينهن جو پاڻي لڳاتار گهر ۾ اچي رهيو آهي جڏهن تہ مينهن رڪڻ جو نالو ئي نٿو وٺي ان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ عرض ڪرڻ لڳي: ”اي منهنجا رحيم و ڪريم پروردگار! تون رحم ۽ نرمي ڪرڻ وارو آهين، اسان جي حال تي رحم فرماءِ ۽ نرمي فرماءِ اها نيڪ عورت اجا دعا مان فارغ بہ ڪانہ ٿي هئي تہ يڪدم مينهن رڪجي ويو. منهنجو گهر اُن نيڪ عورت جي گهر جي بلڪل پرسان هو ۽ مان ان جي دُعا ٻُڌي رهيو هيس. جڏهن مون ڏٺو تہ ان جي دعا سان مينهن رڪجي ويو تہ مون هڪ ٿيلهي ۾ سون جون ڏهہ اشرفيون وڌيون ۽ ان عورت جي دروازي تي بيهي دروازو وڄايو. آواز ٻڌي ڪري عورت چيو: الله ڪري تہ اچڻ وارو حماد بن سلمہ هجي. جڏهن مون اهو ٻڌو تہ چيم مان حماد بن سلمہ ئي آهيان، مون توهان جو آواز ٻڌو تہ توهان دعا ۾ هيئن عرض ڪري رهيون هيون: اي نرمي ڪرڻ وارا پروردگار! نرمي فرماءِ. تہ ٻڌايو الله پاڪ توهان سان نرمي وارو ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان نيڪ عورت چيو: منهنجي پروردگار اسان تي اهڙي طرح نرمي فرمائي جو مينهن رڪجي ويو، ٻارن کي (سردي کان بچائي) گرمي پهچائي ۽ گهر ۾ جمع ٿيڻ واري پاڻي کي خشڪ ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي مون سون جي اَشرفين واري ٿيلهي ڪڍي ۽ چيو: هي ڪجهہ رقم آهي، ان کي توهان پنهنجي ضرورتن ۾ استعمال ڪيو. اجا اسان جي وچ ۾ اها گفتگو هلي رهي هئي تہ اوچتو هڪ ٻارڙي اسان وٽ آئي. جنهن کي اُنَّ جو پراڻو ڪرتو پاتل هو جيڪو هڪ

جڳهه تان قاتل هيو ۽ ان تي ڇَتيون لڳل هيون. اسان وٽ اچي چوڻ لڳي: اي حماد بن سلمه! ڇا توهان اها دنيا جي دولت ڏئي اسان ۽ پياري پياري الله پاڪ جي وچ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا، اسان کي اهڙي دولت ڪانه کپي جيڪا اسان کي اسان جي پياري ربّ جي بارگاهه کان الڳ ڪرڻ جو سبب بڻجي. پوءِ ان پنهنجي ماءُ کي چيو: اي امڙ سائڻ! جڏهن اسان اللّٰه پاڪ کان مصيبتن جي التجا ڪئي ته ان يڪدم دنيا جي دولت اسان جي طرف موڪلي ڇڏي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان هن دولت جي ڪري پنهنجي مالڪِ حقيقي جي ذڪر کان غافل ٿي وڃون ۽ اسان جي توجهه ان کان هٽي ڪري ڪنهن ٻي طرف هلي وڃي. پوءِ اها ٻارڙي پنهنجو چهرو زمين تي مَلڻ لڳي: اي اسان جا پاڪ پروردگار! اسان کي تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! اسان ڪڏهن به تنهنجي دَر تان ڪونه وينداسين، اسان جون اميدون صرف تو سان وابسته رهنديون، اسان تنهنجي ئي دَر تي پيل رهنداسين جيتوڻيڪ اسان کي ڌِڪاريو وڃي پر اسان پوءِ به تنهنجي در کي ڪونه ڇڏينداسين. پوءِ اُن ٻارڙيءَ مونکي چيو: اللّٰه پاڪ توهان کي حفظ و اَمان ۾ رکي، براءِ ڪرم! توهان اها رقم واپس کڻي وڃو ۽ جتان آندي اتوَ اتي رکي ڇڏيو. اسان کي هن دولت جي ڪابه ضرورت ناهي، اسان کي اسان جو پالڻ وارو خداءِ پاڪ ڪافي آهي. اهو اسان کي ڪڏهن به مايوس ڪونه ڪندو. اسان پنهنجون سيئي ضرورتون اُن پاڪ پروردگار جي بارگاهه ۾ پيش ڪيون ٿا، اهو ئي اسان جي ضروتن کي پورو ڪرڻ وارو آهي، اهو ئي تمام جهانن جو پالڻ وارو ۽ سڄي مخلوق جو حاڪم ۽ والي آهي. (عيون الحكايت، ص181 ملخصاً و بتغير)

الله ربُّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

تمہارے در تمہارے آستاں سے میں کہاں جاؤں
نہ مجھ سا کوئی بیکس ہے نہ تم سا کوئی والی ہے

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم

جنتي ابن جنتي، صحابي ابن صحابي، حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمَا فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن يتيم کي پنهنجي کاڌي پيتي ۾ شامل ڪري، ته الله پاڪ ان جي لاءِ يقيني طور جنت لازم فرمائي ڇڏيندو آهي پر هي جو ڪو اهڙو گناهه ڪري جيڪو ناقابلِ بخشش هجي. (مشڪاة المصابيح، 214/2، حديث:4975)

هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو پاڻ وٽ رهڻ واري يتيم ڇوڪري يا يتيم ڇوڪريءَ سان پلائي ڪري ته مان ۽ اهو جنت ۾ هن طرح هونداسين پنهنجون ٻه آڱريون ملائي (فرمايائون). (مسند امام احمد،300/8، حديث:22347)

يعني جيئن هنن آڱرين ۾ ڪو فاصلو ناهي ائين ئي قيامت جي ڏينهن مون ۾ ۽ ان ۾ ڪا دوري ڪانه هوندي. (مرآة المناجيح،548/6)

## پنج ٻار ۽ ٽرين جو سفر

ٽرين ۾ هڪ غمگين شخص، پنهنجي پيڻ ۽ ڪين پنج ٻارن سان سفر ڪري رهيو هو. اهو پاڻ ته ٽرين جي ڪڙڪي پرسان ويهي ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو ۽ وقفي وقفي سان پيڻ جي روئڻ جو آواز ٻُڌي ڪري لڪي ان کي تسلي ڏيندو پيو وڃي، جڏهن ته ٻار ريل جي پوري ڊبي ۾ راند ۾ مصروف هئا. ڪو هيڏانهن پيو ڀڄي ته ڪو هوڏانهن، ڪو سيٽ تي پيو چڙهي ته ڪو چال پيو ڏئي مطلب ته ريل جو ڊبو راند جي ميدان جو منظر پيش ڪري رهيو هو، ٻيا ڊبي ۾ ويٺل مسافر ٻارن جي هن حرڪتن سان گهڻو پريشان ٿي رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ شخص کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هو ان غمگين شخص کي ٻارن جو پيءُ سمجهي ان وٽ اچي چوڻ لڳو: جناب! پنهنجي ٻارن کي سنڀال، هيءَ ٽرين آهي يا ڪو راند جو ميدان؟ ڪو هيڏانهن پيو ڊوڙي ته ڪو هوڏانهن. الله نه ڪري! هلندڙ ريل مان ڪو ڪري پيو ته؟ توهان ته سوچن ۾ ائين گم آهيو جڻ خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي؟ غمگين شخص جي دل ڏک مان پرجي آئي ۽ هو هبڪائيندي چوڻ لڳو: ادا! هي منهنجا ٻار ناهن بلڪ منهنجا ڀاڻيجا آهن، اَڄ صبح هنن ٻارن جو پيءُ وفات ڪري ويو آهي اسان جنازي ۾ پيا وڃون، اڃا هنن ٻارن کي خبر ناهي ته انهن جو پيءُ هميشه جي لاءِ انهن کي ڇڏي ويو آهي. هاڻي توهان ٻڌايو مان ڪيئن هنن ٻارڙن کي اها دردناڪ خبر ٻڌايان؟ مون ۾ ته هنن ٻارن کي روڪڻ جي همت ناهي. اهو ٻڌي ان شخص سميت سڀني مسافرن جو غصو ٻارن جي همدردي ۽ محبت ۾ بدلي ويو ۽

هاڻي سيئي مسافر وڏي همدردي ۽ شفقتڀرين نظرن سان انهن جي طرف ڏسي رهيا هئا.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هي واقعو توڙي جو فرضي آهي پر اسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري رهيو آهي. الحمدلله! اسان جي معاشري ۾ اهڙا ماڻهو به پاتا وڃن ٿا جيڪي غريبن، يتيمن، ڏکايلن، بي سهارن ماڻهن سان همدردي ڪندا ۽ انهن جي ڏک سک ۾ ڪم ايندا آهن جيڪا هڪ تمام وڏي نيڪي آهي. ڪنهن مُسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ هونئن ئي ثواب جو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن اهو ڪو غريب يا يتيم هجي ته سنيون سنيون نيتون ڪرڻ سان ثواب اجا به وڏي سگهي ٿو. افسوس! اڄڪلهه حالات تمام گهڻو بدلجي چڪا آهن، هاڻي غريبن ۽ يتيمن سان همدردي ۽ خيرخواهي جو جذبو گهٽ ٿيندو نظر اچي پيو، پاڙي ۾ موجود ضرورت مندن ۽ سفيد پوش ماڻهن سان گهٽ ماڻهو تعاون ڪن ٿا. عيد جو موقعو هجي يا گهر ۾ خوشي جي تقريب، ٻار جي شادي هجي يا رشتيدارن جي لاءِ افطاري جو پروگرام، جيڪڏهن ڪنهن توجه ڏياري ته ٻچيل ڪاڏو ڪنهن غريب کي ڏنو ويندو آهي نه ته خوشين جي موقعي تي انهن غريبن جي ياد نه هئڻ جي برابر آهي. ڇا توهان کي خبر آهي ته سنو گهر ۽ برو گهر ڪهڙو آهي؟ اچو هن بابت فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو.

## مسلمانن جا بهترين گهر

جنتي صحابي حضرتِ ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: رسولِ پاڪ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مسمانن ۾ بهترين گهر اهو گهر آهي جنهن ۾

يتيم هجي ان سان سٺو سلوڪ ڪيو ويندو هجي ۽ مسلمانن ۾ بدترين گهر اهو گهر آهي جنهن ۾ يتيم هجي ۽ ان سان برو سلوڪ ڪيو ويندو هجي. (ابن ماجه،193/4،حديث:3679)

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يتيم سان (حُسنِ) سُلوڪ جون ڪيئي صورتون آهن: اُن جي پروش، اُن جي کاڌي پيتي جو انتظام، ان جي تعليم ۽ تربيت، اُن کي ديندار نمازي بڻائڻ سڀ ان ۾ داخل آهي. مقصد ته جيڪو سُلوڪ پنهنجي ٻار سان ڪيو ويندو آهي اهو ئي يتيم سان ڪيو وڃي. (مراٰة المناجيح، جلد6 ص 562) مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن دسترخوان تي يتيم هوندو آهي شيطان اُن دسترخوان جي ويجهو ناهي ويندو. (مجمع الزوائد،293/8 حديث:13512)

افسوس صد ڪروڙ افسوس! هاڻي هن معاشري ۾ اهڙا بدنصيب به پاتا وڃن ٿا جيڪي يتيم ٻارن، ٻارڙين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ بدران انهن تي ظلم ۽ ستم ڪندا، انهن جو مال قبائيندا، ملڪيتن تي قبضو ڪندا، طرحين طرحين سان انهن مظلومن کي ستائيندا، رلائيندا ۽ انهن جون بددعائون وٺندا آهن.

## واتان باهه نڪري رهي هوندي

حضرت ابوبَرزه رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته رسولِ اَڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: بروزِ قيامت الله پاڪ هڪ قوم کي انهن جي قبرن مان هن حالت ۾ اٿاريندو جو انهن جي وات مان ٻرڪندڙ باهه نڪري رهي هوندي. عرض ڪيو ويو: يارسول الله! اهي ڪهڙا

ماٺھو ھوندا؟ اِرشاد فرمايائون: چا توھان ڏٺو ناھي الله ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَ سَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿۱۰﴾

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي يتيمن جو مال ناحق کائن ٿا، اھي تہ پنھنجي پيٽ ۾ خالص باھ ئي ڀرين ٿا ۽ اجھو جيي ھٽندڙ باھ ۾ ويندا. (سورة النساء پ4، آيت:10)

اي ظالمؤ! اي يتيمن جو مال ڦٻائڻ وارؤ! انھن جي پلاٽن تي ناجائز قبضو ڪرڻ وارؤ! يتيم جو مال ﭘڙڪندڙ باھ آھي، ان کي ڳيھڻ جڻ باھ کي ڳيھڻ آھي. اَج تہ اھو مال نھايت پلو لڳي رھيو آھي. پر ھڪ ڏينھن اھو ھلاڪت جو سبب بڻجي ويندو. اَجُ توھان کي پنھنجي طاقت تي وڏو ناز آھي. پر جڏھن قيامت جو ڏينھن ٿيندو ان وقت توھان جي ھڪ ڳالھ بہ ٻڌي نہ ويندي. الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏھن يتيم کي ڏڪايو ويندو آھي تہ ان جي روئڻ سبب عرش عظيم ڏڪڻ لڳندو آھي ۽ الله پاڪ فرمائيندو آھي: اي ملائڪو! منھنجي ٻانھي کي ڪنھن روئاريو جنھن جي پيءُ کي سُپردِ خاڪ ڪيو ويو آھي. (فردوس الاخبار، 507/2، حديث:8557)

ظالمو! بعد مرنے کے پچھتاؤ گے      یاد رکھو! جہنم میں تم جاؤ گے

## وٺندڙ ۾ مٺو مال

حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: بلاشڪ هيءَ مال وٺندڙ ۾ مٺو آهي ۽ ان مسلمان جو چڱو ساٿي آهي جيڪو ان مان مسڪين، يتيم ۽ مُسافر کي ڏيندو ڪري ۽ جيڪو ناحق مال ڦٻائيندو اهو ان جانور وانگر آهي جيڪو کائيندو ته گهڻو آهي پر سير ناهي ٿيندو ۽ اهو مال قيامت جي ڏينهن ان جي خلاف گواهي ڏيندو. (بخاري شريف، 266/2، حديث: 2842).

## شهد ۾ خاڪ

هڪ ڀيرو حضرتِ عيسيٰ عَلَيه السَّلام ڪٿي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ شيطان کي ڏٺائون جيڪو هڪ هٿ ۾ ”ماکي“ ۽ ٻي هٿ ۾ ”خاڪ“ کنيو پئي ويو، پاڻ عَلَيه السَّلام پڇيو: اي دشمنِ خدا! هيءَ ماکي ۽ خاڪ تنهنجي ڪهڙي ڪم ايندي آهي؟ چيائين: ماکي غيبت ڪرڻ وارن جي چپن تي لڳائيندو آهيان ته جيئن اهي هن گناهه ۾ اڳتي وڌن ۽ خاڪ يتيمن جي منهن تي مليندو آهيان ته جيئن ماڻهو انهن کان نفرت ڪن. (مڪاشفة القلوب ص66)

## اُٺ جي چپن جيان چپ

مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مون معراج جي رات هڪ اهڙي قوم ڏٺي جن جا چپ اُٺن جي چپن جيان هئا ۽ انهن تي اهڙا ماڻهو مُقرّر هئا جيڪي انهن جي چپن کي پڪڙيندا ها پوءِ انهن جي واتن ۾ باهه جا پٿر وجهندا ها جيڪي انهن جي پُٺيان نڪري ويندا ها. مون پڇيو: اي جبريل (عَلَيه السَّلام) هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟

تہ انھن چيو: ھي اھي ماڻھو آھن جيڪي يتيمن جو مال ظلم سان ڪائيندا ھئا. (تفسير قرطبي النساء، تحت الآية:3، 39/10، الجزء الخامس)

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی　　　قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## وارثن جي مال ۾ احتياط جو بھترين مثال

ھڪ بُزرگ ڪنھن سڪرات ۾ مبتلا شخص وٽ موجود ھو. رات جو جنھن پھر ۾ اھو فوت ٿيو تہ انھن فرمايو: چراغ وسائي ڇڏيو ڇوتہ ھاڻي ان جي تيل ۾ وارثن جو حق شامل ٿي ويو آھي. (احياءالعلوم مترجم،268/2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گھر ۾ جيڪڏھن يتيم ٻار ھجن تہ اُنھن جي مال جي معاملي ۾ بيحد احتياط سان ڪم وٺڻ گھرجي ۽ ھا! يتيم جي اجازت سان بہ ان جو مال ذاتي استعمال ۾ نہ آڻي سگھون، ھڪ ئي گھر ۾ رھڻ وارن ڪجھ ڀائرن مان جيڪڏھن ڪو مري وڃي تہ جوائنٽ فيملي ۾ يتيم ٻارن جي مال جو خيال رکڻ نھايت مشڪل ٿي ويندو آھي پر اھا احتياط ڪرڻي ئي پوندي ۽ جيڪڏھن الله نہ ڪري غلط طريقي سان يتيمن جي مال کي استعمال ڪيو تہ ڪالھ قيامت جي ڏينھن دردناڪ عذاب ٿي سگھي ٿو جيئن مٿي ذڪر ڪيل روايتن ۾ توھان پڙھيو. قرآنِ ڪريم ۾ ھڪ مقام تي الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَاَوْفُوْا بِالْعَهْدِ ۚ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ يتيم جي مال جي ويجھو نہ وڃو مگر ان واٽ سان جيڪا وڌيڪ چڱي آھي ايستائين جو اھو پنھنجي جواني کي پھچي ۽

وعدو پورو ڪريو بيشڪ وعدي بابت پڇا ٿيڻي آهي. (پ15، بني اسرائيل:34)

هڪ آيت ۾ هڪ ڪبيره گناهہ کان منع ڪيو ويو آهي ۽ هڪ اهم شيءِ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ڪبيره گناهہ تہ يتيم جي مال ۾ خيانت ڪرڻ آهي ۽ اهم شيءِ وعدو پورو ڪرڻ آهي. يتيم جو سڄو يا ڪجھ مال کسڻ، اُن ۾ خيانت ڪرڻ، ان جي ڏيڻ ۾ هرويرو حيلا بهانا ڪرڻ هي سڀ حرام آهي، جيئن تہ فرمايو تہ يتيم جي مال جي ويجهو نہ وڃو پر صرف سٺي طريقي سان ۽ اهو هيءُ تہ ان جي حفاظت ڪيو ۽ ان کي وڌايو. هن مان معلوم ٿيو تہ يتيم جو وَلي (سرپرست) يتيم جي مال مان واپار ڪري سگهي ٿو، جنهن سان ان جو مال وڌي جو هيءُ سُٺي طريقي ۾ داخل آهي ۽ ائين ان جا پيئسا وياج جي بغير بينڪ وغيره ۾ ان جي نالي تي رکڻ جائز آهي جو هيءُ حفاظت جي قِسم آهي. ٻيو حڪم هتي ارشاد فرمايو تہ يتيمن جو مال انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن اهو يتيم پنهنجي پوري عمر تي پهچي وڃي ۽ اها پوري عمر اَرڙهن سال جي آهي. (تفسيرِ صراط الجنان، بني اسرائيل، تحت الآية: 459/34،5)

## يتيم جي مال جي حفاظت ڪرڻ وارو قاضي

اَبو القاسم عبيد الله بن سُليمان چون ٿا تہ مان موسيٰ بن بُغاء جو ”ڪاتب (ڪتابت ڪندڙ)“ هيس، اُن وقت اسان ”ري“ (ايران جي دار الحڪومت جنهن جو نالو هاڻي تهران آهي) ۾ هئاسين ۽ اُتان جو قاضي حضرت احمد بن بُدَيْل ڪوفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هو. مُوسيٰ بن بُغاء جي اُن علائقي ۾ ڪجھ زمين هئي، جنهن ۾ اهو تعميراتي ڪم ڪرائڻ چاهي پيو. اُن جڳهہ جي بلڪل پرسان هڪ زمين جو ٽڪڙو يتيم ٻار جو هو، مونکي موسيٰ بن بُغاء حڪم ڏنو تہ اُتي وڃي زمين وغيره ڏسي اَچ ۽

وڏيڪ زمين خريدڻي پئي تہ خريدي وٺ. مان اُتي پهتس ۽ زمين ڏني تہ اهائي ڳالهہ سمجھہ ۾ آئي تہ جيستائين اُن يتيم ٻار جي زمين نہ خريدي ويندي تيستائين تعميراتي ڪم چڱي طرح سان ڪونہ ٿيندو. جيئن تہ مان اُتان جي قاضي حضرت احمد بن بُدَيل رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه وٽ ويس ۽ عرض ڪيم: اوهان يتيم ٻار جي زمين اسان کي وڪڻو. قاضي صاحب انڪار ڪندي چيو: اُن يتيم کي پنهنجي زمين وڪڻڻ جي اجا ڪا ضرورت ناهي ۽ مان جرئت نہ ٿو ڪري سگھان جو زمين وڪڻي ان کي زمين کان محروم ڪري ڇڏيان. ٿي سگھي ٿو تہ مان زمين جي بدلي قيمت وٺي ڇڏيان ۽ الله نہ ڪري ڪنهن طرح ان جو مال هلاڪ ٿي وڃي تہ جڻ مان ان جي حق کي ضايع ڪرڻ وارو ٿي ويندس. مون چيو: توهان اسان کي اها زمين ڏيو اسان ان جي ٻيڻي قيمت ڏينداسين. قاضي صاحب چيو: مان ٻيڻي قيمت تي بہ اها زمين ڪونہ وڪڻندس چوتہ مال تہ گھٽجندو وڌندو رهندو آهي. گھڻي مال جي لالچ مونکي زمين وڪڻڻ جي طرف مائل نٿي ڪري سگھي. مطلب تہ مون قاضي صاحب کي هر طرح سان راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان ڪونہ مڃيو ۽ ان جي سامهون منهنجي هڪ بہ نہ هلي. ان جي ڳالهين مونکي پريشان ڪري ڇڏيو. مون تنگ ٿي ڪري چيو: قاضي صاحب! توهان اهڙو قدم نہ کڻو جنهن سان اوهان کي پريشان ٿيڻو پئي، ڇا توهان کي خبر ڪانهي تہ هيءُ موسيٰ بن بُغاء جو معاملو آهي؟ ٿورو سوچي سمجھي قدم کڻو، اهڙن ماڻهن کان سامهون ٿيڻ سٺي ڳالهہ ناهي. قاضي صاحب چيو: الله پاڪ توهان کي عزت عطا فرمائي، تون منهنجي معاملي ۾ پريشان نہ ٿيءُ. بيشڪ منهنجو پروردگار عزت وارو ۽ وڏي بلندي وارو آهي. قاضي صاحب جون اهي ڳالهيون ٻڌي مان واپس موٽي آيس ۽ الله پاڪ

ڪان حياء ڪندي ٻيهر قاضي صاحب وٽ ڪونہ ويس. جڏهن مان موسيٰ بن بُغاء وٽ ويس تہ اُن مون کان پڇيو: توهان کي جنهن ڪم جي لاءِ موڪليو هو ان جو ڇا ٿيو؟ مون قاضي صاحب کان ملاقات جو سمورو واقعو ٻڌايو ۽ جڏهن ان کي قاضي صاحب جو اهو جملو ٻڌايو تہ”بيشڪ منهنجو پروردگار وڏي بلندي ۽ عظمت وارو آهي“ تہ ٻڌندي ئي موسيٰ بن بُغاء روئڻ لڳو ۽ هر هر انهيءَ جملي کي دهرائيندو رهيو پوءِ مونکي چيائين: هاڻي توهان ان زمين کي ڇڏي ڏيو ۽ قاضي صاحب کي تنگ نہ ڪيو. وڃو! ان نيڪ مرد (يعني قاضي صاحب) جي حالت معلوم ڪريو. جيڪڏهن ان کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ مان ان جي اها ضرورت پوري ڪريان، اهڙا نيڪ ماڻهو دنيا ۾ نهايت گهٽ هوندا آهن. مان موسيٰ بن بُغاء کان موڪلائي حضرت احمد بن بُدَيل ڪوفي وٽ آيس ۽ عرض ڪيو: قاضي صاحب! مبارڪ هجيوَ، اَمير موسيٰ بن بُغاء زمين واري معاملي ۾ توهان کي معاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو انڪري ٿيو تہ مون اهي تمام ڳالهيون جيڪي اسان جي وچ ۾ ٿيون هيون، تفصيل سان موسيٰ بن بُغاء کي ٻُڌائي ڇڏيون. هاڻي اَمير موسيٰ بن بغاء اهو حڪم ڏنو آهي تہ جيڪڏهن توهان کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ اسان کي ٻُڌايو اسان پوري ڪنداسين. قاضي صاحب ان کي دعائون ڏنيون ۽ فرمايو: اهو سڀ هن جو بدلو آهي تہ مون هڪ يتيم جي مال جي حفاظت ڪئي آهي، مان ان جي بدلي دنياوي مال ۽ دولت جو طلبگار نہ ٿيس. (عيون الحڪايات مترجم، 396/1)

الله ربُّ العزت جي انهن جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

# اميرِ اهلسنت جي احتياط

دورِ حاضر ۾ اسلامي دنيا جي عظيم مبلغ ۽ علمي ۽ روحاني پيشوا، امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يتيمن جي مال ۾ احتياط جي باري ۾ هڪ واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: جن ڏينهن ۾ منهنجي وڏي ڀاءُ (مرحوم عبدالغني) جو انتقال ٿيو انهن ڏينهن ۾ اسان ٻئي ڀائر ملي ڪري ٻُهارن جو ڪاروبار ڪندا هئاسين ۽ شايد مان شهيد مسجد يا نور مسجد ۾ امامت به ڪري رهيو هيس. ڀاءُ جي انتقال ڪان پوءِ ذميداري منهنجي مٿان آئي ۽ ميراث ورهائڻ جو به مسئلو ٿيو ڇوته منهنجي والدِ مرحوم جي ڇڏيل ملڪيت تقسيم ڪونه ٿي هئي ۽ ان جي ڇڏيل مال ئي مان ڪاروبار ٿيندو رهيو پر هاڻي مان سخت آزمائش ۾ اچي ويس ڇوته هاڻي هر شيءِ ۾ ڀاءُ جي پنج يتيم ٻارن ۽ انهن يتيمن جي امڙ جو حق شامل ٿي ويو. انهن ڏهاڙن ۾ منهنجو مفتي وقارالدين جي خدمت ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو جيئن ته مون ان جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي سڄي صورتحال پيش ڪئي ته ڇا ڪرڻو آهي، ڪيئن ڪرڻو آهي ان جي متعلق فتويٰ ورتي پوءِ هڪ ننڍي کان ننڍي شيءِ مثلاً ڪاغذ، قلم ۽ سوئي تائين جو حساب ڪيو جيڪو نهايت مشڪل ڪم هيو پر جيترو ٿي سگهيو مون ڪوشش ڪئي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه شريعت مطابق ميراث تقسيم ڪئي بلڪ پنهنجي طرفان ڪجهه وڌيڪ پيش ڪيو ته جيئن منهنجي طرفان انهن جو ڪو حق نه رهجي وڃي پر پوءِ به خوف ٿيندو هو ته ڪٿي يتيمن جي مال ۾ مون کان ڪٿي حق تلفي نه ٿئي وئي هجي. اَلْحَمْدُلِلّٰه هاڻي منهنجا ڀائٽيا بالغ ٿي چڪا آهن، مون انهن کان ۽ (انهن جي ذريعي) سندن امڙ سان

(احتياط طور) مُعافي حاصل ڪري ورتي آهي. (امير اهلسنت جي کهاڻي سندن زباني، غير مطبوعہ)

## عرش جو سايو (ڇانوَ) ماڻ جو طريقو

**اي غريبن ۽ يتيمن جو درد رکڻ وارا اسلامي ڀائرو!** اچو اهو عهد ڪريون ته اسان يتيمن جي حقن جي حفاظت ڪنداسين، بي سهارن ۽ غريب ماڻهن کي خوشيون فراهم ڪرڻ جو ذريعو بڻجنداسين، پنهنجي اِردگرد نظر ڊوڙايو، پنهنجي رشتيدارن، پاڙيسرن، محلي وارن، وغيره ۾ جيڪڏهن ڪو يتيم ٻار، ٻارڙي يا اهڙي بيواہ خاتون هجي جنهن جو گذارو مشڪل سان ٿيندو هجي ته خاص طور هن مٺي عيد جي خوشي جي موقعي تي ۽ عام حالتن ۾ به انهن جي ڪفالت جي ڪوشش ڪيو، هر مهيني انهن جي گهر راشن ڏياريو، عيد جي موقعي تي يتيم ٻارن کي نوان ۽ خوبصورت ڪپڙا پهچايو، عيد تي ڪجهه مناسب رقم باعزت طريقي سان پيش ڪري انهن غريبن، بي سهارن ۽ دردمندن جي دل جون دعائون ڪٽيو. الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن يتيم يا بيواهہ جي ڪفالت ڪري الله پاڪ اُن کي بروزِ قيامت عرش جو سايو عطا فرمائيندو.

الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ، غريبن يتيمن سان سنو سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن ۾ خوشيون ورهائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

